Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child

# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Seven

**تقرير**

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)



THE AGA KHAN UNIVERSITY

## محترم استاد صاحبان!

مسلسل پيشه وراڻه واڌاري (CPD) جي پروگرام جي نئين مرحلي ۾ پليڪار. پوئين مرحلي ۾ اسان تدريسي مهارتن تي ڌيان ڏنو هو جنهن ۾ ڪلاس روم ۾ سکڻ واري عمل کي پرلطف بڻائڻ ۽ شاگردن جي فعال شرڪت ڪرڻ ۾ بهتر موقعو فراهم ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جي مهارتن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ڪئي. نئين مرحلي ۾ اسان انهن تدريسي مهارتن جي مشق جاري رکنداسين ۽ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ متعارف ڪرايل مواد جي جاڻ ۽ مهارتن جي باري ۾ به وڌيڪ پرائيندااسين. نتيجي ۾ توهان ڪلاس روم جي صورت حال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ تيار ٿي ويندا ته جيئن مضمون جي علم سان لاڳاپيل جديد تدريسي حڪمت عملين جو استعمال ڪري سگهو.

## اسان جو نصب العين

اسان جو گڏيل مقصد سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ تدريس جي معيار کي بهتر بڻائڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته شاگرد سرگرم ۽ باهمي تعاون سان سکندڙ، مسئلا حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ بڻجن، جيڪي تخليقيت ۽ اعتماد سان ڪمن کي ڏسندڙ هجن. هو موضوع جي مواد جي باري ۾ تصوراتي طور تي واضح هجن ۽ ان مواد کي پنهنجي چوڌاري دنيا سان ڳنڍڻ جي مهارت رکندڙ هجن. ان کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ اسان کي بطور استاد، تعليمي ادارن ۾ ڪلاس روم جي گهرجن ۽ مضمون جي مواد جي لاءِ بهتر نمونا تيار رهڻ گهرجي. اهڙي طرح، اسان جو مقصد انهن تربيتن کي پيشه وراڻه بڻائڻ آهي ته جيئن CPD جي استادن جا تربيتي ڪورس پنهنجو اثر ڏيکاري سگهن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي ۾ خاطر خواه تبديلي اچي.

## اسان جو تدريسي فلسفو

سي پي ڊي (CPD) جا تربيتي سيشنَ، هن تربيت سميت، هڪ شرڪتي تدريسي فلسفي جي پوئواري ڪن ٿا جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ سرگرم ۽ پاڻ ۾ تعاون سان سکڻ کي لاڳو ڪري ۽ ان جي مشق ڪرڻ سان گڏوگڏ عمل ڪندڙن جي ڪميونٽي بڻجڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ ٻين ساٿين جي عڪاسي ۾ رُڌل هوندا آهن. مقصد نه رڳو تدريسي طريقن کي بهتر بڻائڻ آهي بلڪه توهان کي مضمون جي مواد جي نظريي ۽ حڪمت عملين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي جيڪي شاگردن کي روزاني زندگي ۾ مواد کي اعتماد ۽ مهارت سان لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

## توهان سان سهڪار ڪندڙ

تربيتي ماڊيول توهان جي ڪلاس روم جي تدريس ۾ توهان جي سهڪار ڪرڻ جي لاءِ جوڙيو ويو آهي. هي توهان کي مضمون جي مواد ۽ ڪلاس روم ۾ استعمال جي لاءِ ڪجهه طريقن سان متعارف ڪرائيندو. هي توهان جي تدريس کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جوڳو بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ هنرمند استاد طور وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

## مجتا/اعتراف

هي ماڊيول سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽي - انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ، پروانشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ تيار ڪيو آهي. يونيسيف طرفان سنڌ ٽيڪنيڪل اسسٽنس ڊولپمينٽ ٿرو انهينسڊ ايجوڪيشن پروگرام (STA-DEEP) جي تحت سهڪار ڪئي وئي، جنهن کي يورپي يونين طرفان مالي مدد ڏني وئي.

اسان هيٺ ڏنل پاڳيدارن لاءِ خلوصِ دل سان ٿورائتا آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاهه | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمه نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تکبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر |
| محترم ذوالفقار علي بيهڻ | ڊپٽي ڊائريڪٽر، ڊي اي ٽي آر سي، ڪراچي |
| محترمه ريحانه پروين | ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| دلشاد ڏيٽو | اسسٽنٽ پروفيسر گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجيوڪيشن حيدرآباد |
| محترمه نصرت سڪندر | انسٽرڪٽر جي اي سي اي ايم حيدرآباد |
| منظور حسين تنيو | ليڪچرار گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجيوڪيشن خيرپور |

| | |
|---|---|
| آصف علي سومرو | اسسٽنٽ پروفيسر پائيٽ سنڌ نواب شاهه |
| محترم ارسلان احمد | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| محترم عبدالجبار شاهه | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| محترم سيد ڪامران شاهه | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| محترمه رابعه بتول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر سليمه بيگم | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم محمد ذوالفقار علي | ايجوڪيشن ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | اسڪول ڪلسٽرنگ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

**سِکيا جي حاصلات** : هن تربيتي سيشنَ جي پڄاڻيءَ تي سِکيا ونندڙ ان قابل تي ويندا ته اُهي:




- تقريرَ جي مهارتَ جو تعارف ۽ ان جون تدريسي سرگرميون بيان ڪري سگهندا.
- تقريرَ جي مهارتَ تي ٻڌل تدريسي سرگرمين کي درسي ڪتابن سان مربوط ڪري عملي مشق پيش ڪري سگهندا.
- تقريرَ جي مهارتَ جي تدريسَ بابت حاصل ڪيل معلومات تي پنهنجا تاثرَ Reflections پيش ڪري سگهندا.

## Session Plan سيشن جي رٿابندي

Instructional strategies/activities

| Materials/resources<br>گهربل سامان/وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سکيا جا تجربا | Objective/purpose of the activity<br>سرگرمي جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استان کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو. جنهن لاءِ شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي تلاوت لاءِ سڏيو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ | <br>10 منٽ |
|  | **ذهني آمادگي (Motivation)**<br>• سکيا ونندڙن مان ڪنهن به هڪ کي ڪو موضوع ڏئي مختصر تقرير ڪرايو.<br>• بورڊ تي لفظ ’تقرير‘ لکو ۽ سيني سکيا ونندڙن کان پڇو ته تقرير جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي، تقرير ڇا کي ٿو چئجي؟ تقرير ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟<br>• سيني سکيا ونندڙن جي جوابن کي بورڊ تي لکندا وڃو. آخر ۾ ان جو خلاصو بيان ڪريو. | • سِکيا ونندڙن جي ذهني آمادگي ڪرڻ<br> | <br>10 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| <br>40 منٽ | • تقرير جي مهارتَ جي وصفَ، جُزن ۽ سرگرمين کان آگاهه ڏيڻ.<br> | **تقرير جي مهارتَ جي وصفَ، جُزا ۽ سرگرميون**<br>(Think Pair Share)<br>1. سکيا ونندڙن کي هينئين ڇهن گروپن ۾ ورهائي کين هينڊ آئوٽ نمبر 01 پڙهڻ لاءِ ڏيو ۽ کين هدايت ڪريو ته ان کي پهرين انفرادي طور پڙهن پوءِ جوڙن ۾ هڪ ٻئي سان خيال ونڊين.<br>2. تقريرَ جي جُزن تي ٻڌل پنجَ پرچيون ٺاهي، هر گروپَ کان هڪ پرکي کڻايو. پوءِ هر گروپ جو هڪ يا ٻه ميمبر پليل جُزي تي پيشڪش ڏيندا، ته اهو تقريري جُزو شاگردن ۾ ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿو.<br>3. آخر ۾ ڏنل پيشڪشن تي پنهنجي راءِ ڏئي تعميري اصلاح ڪريو. | <br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | گروپ پهريون — وصف ۽ سرگرميون<br>گروپ ٻيون — دُرست اُچارَ<br>گروپ ٽيون — رواني / مناسب رفتارَ<br>گروپ چوٿون — دليلَ<br>گروپ پنجون — تاثرَ<br>گروپ ڇهون — اعتماد<br>4. آخر ۾ ڏنل پيشڪش تي پنهنجي راءِ ڏئي تعميري اصلاح ڪريو. |  | |
|  | **BREAK** | | 10 منٽ |

<table>
<tr>
<td><br>90 منٽ</td>
<td>درسي ڪتابن ۾ موجود تقرير جي مهارت جون سرگرميون تيار ڪري عملي طور پيش ڪرڻ.</td>
<td><br>مشق (Practice)<br>سرگرمي نمبر 1: سکيا ڏيندڙ تقرير جي مهارت پيدا ڪرڻ لاءِ سکيا وٺندڙن کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ ڪين هينڊ آئوٽ نمبر 2 ڏيندو ۽ چوندو ته ان هينڊ آئوٽ کي غور سان پڙهو ۽ پوءِ درسي ڪتابن کي آڏو رکي ڪين هيٺ ڏنل سرگرمين مان هڪ سرگرمي ورهائي ڏيندو، ۽ هدايت ڏيندو ته تياري ڪري سرگرمي عملي طرح پيش ڪريو.<br><br>گروپ پهريون — گفتگو<br>گروپ ٻيو — اکين ڏٺو احوال ٻڌائڻ<br>گروپ ٽيون — بحث مباحثو<br>گروپ چوٿون — رول پلي<br>گروپ پنجون — تقريري مقابلو</td>
<td></td>
</tr>
</table>

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | **سيشن جي پڇاڙي**<br>1. سموري تربيتي سيشن ۾ تقرير جي مهارت بابت حاصل ڪيل معلومات تي سکيا وٺندڙ هيٺ ڏنل سوالن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا.<br>سوال:<br>• اڄوڪي سيشن ۾ توهان ڪهڙيون نيون شيون سکيون؟<br>• اڄوڪي سيشن ۾ توهان کي ڪهڙيون شيون وڌيڪ دلچسپ لڳيون ۽ ڇو؟<br>• تقرير جي مهارت پيدا ڪرڻ بابت توهان کي ڪهڙيون رڪاوٽون (Challenge) پيش اچي سگهن ٿيون؟<br>2. آخر ۾ سکيا ڏيندڙ اهم نڪتن جو خلاصو پيش ڪندي ڏينهن، جي پڇاڙي جو اعلان ڪندو. | • سموري سيشنَ جي ڪاروائيءَ جو حاصل مطلب بيان ڪرڻ<br> | <br>30 منٽ |

**هينڊ آئوٽ نمبر 1**

## تقرير جي مهارت جي تعريفَ، جُزا ۽ تدريسي سرگرميون

خيالن جي زباني اظهار کي تقرير چئجي ٿو، جيڪو اعتماد، تسلسل، دليلن تي ٻڌل، درست اچار، مناسب رفتار ۽ تاثرات سان پيش ڪيو ويندو آهي.

تقرير ٻوليءَ جي بنيادي مهارت، ڳالهائڻ جي هڪ اهم ذيلي مهارت آهي، جنهن ۾ لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو، خيالن جي اظهار ۾ جملن جو ڳانڍاپو ۽ بيان ڪرڻ جي انداز ۾ لاهه چاڙهه جي پختگي پيدا ٿئي ٿي.

عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي ته ڪلاس ۾ رڳو ڪجهه شاگردن کي تقرير جي فن ۾ مهارت هجي باقي سڀني ٻارن ۾ اها مهارت ضروري نہ آهي. ان ڪري ڪجهه شاگردن کي تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي، باقي سڀني شاگردن کي تقرير ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، پر اها وڏي غلط فهمي آهي. جيڪڏهن سڀني شاگردن کي لفظن جي ذخيري، خيالن جي اظهار ۾ ربط ۽ ڳانڍاپي ۽ تقرير جي طريقيڪار کان واقفيت ڏني وڃي ته هر هڪ ٻار تمام جلد تقرير جي فن ۾ مهارت حاصل ڪري وٺندو.

### تقرير جي مهارت پيدا ڪرڻ جون سرگرميون:

تقرير جي مهارت پيدا ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته ڪجهه اهڙيون سرگرميون مرحليوار عمل ۾ آنديون وڃن جن سان تقرير ڪندڙ ۾خيالن جي ڳانڍاپي، خوداعتمادي، درست تلفظ، رواني ۽ تاثرات وغيره جي مشق ٿي سگهي ان لاءِ هيٺ ڏنل سرگرميون عمل ۾ آڻي سگهجن ٿيون.

گفتگو:

تقرير جي مهارت لاءِ شاگردن کان آسپاس جي ماحول، روزمره جي حالتن واقعن، راندين، پسنديده ٽي وي پروگرامن بابت ننڍا ننڍا سولا سوال پڇو ۽ سندن مرضيءَ موجب جواب ڏيڻ جي آزادي ڏيو ۽ سندن همت افزائي ڪريو.

1. اکين ڏٺو احوال ٻڌائڻ:

شاگردن کي اسٽيج تي گهرائي ڪائنن روزمره جي زندگيءَ جي مختلف پروگرامن مثال طور شادي، غمي، سير و تفريح، قومي مذهبي ڏڻن (عيدون، يوم آزادي، يوم دفاع، ميلا ملاکڙا) بابت اکين ڏٺو احوال ٻڌائيندا جنهن سان سندن خود اعتمادي ۾ اضافو ٿيندو.

بحث مباحثو:

شاگردن کي گروپن ۾ ورهائي تعليمي عنوانن تي بحث مباحثو ڪرايو ته جيئن منجهن دليلن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي پوءِ اها موضوع جي مخالفت يا موافقت ۾ ڇو نه هجي.

رول پلي:

شاگردن کان درسي ڪتابن ۾ ڏنل مڪالمن وارن سبقن کي عملي طرح ڪردار ادا ڪرڻ يا رول پلي واري ڪرايو وڃي

تقريري مقابلو:

شاگردن کان اسٽيج تي مختلف سماجي مسئلن تي پنهنجي ذاتي تجربن مشاهدن کي آڏو رکي اثرائتي نموني دليلن جي بنيا تي مذاحيه يا سنجيده تقريري مقابلا ڪرايا وڃن.

هينڊ آئوٽ نمبر 2

**تقرير جي مهارت جا اهم جزا:**

**الف، درست اُچار**

تقرير ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ته ان جي ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪيو وڃي هر لفظ جو اچار بلڪل درست هجي، ان لاءِ سنڌي لغت جو استعمال ڪيو وڃي ان کان علاوه ماهر استادن جي مدد حاصل ڪئي وڃي.

ب، مناسب رفتار

تقرير دوران استعمال ٿيندڙ لفظن جي رفتار کي مناسب رکيو وڃي، نه تڪڙو ڳالهايو وڃي ۽ نه وري گهڻو آهستي ان لاءِ ماهرن استادن جي رهنمائي ۽ وڊيو ڪلپ جي مدد حاصل ڪئي وڃي

ج، دليل

تقرير ۾ دليل ڏيڻ ضروري هوندا آهن جنهن سان نتيجي جي خبر پوندي آهي اهڙي طرح ناليوارن مقررن جي ڪا وڊيو ڪلپ ڏيکاري دليل ڏيڻ جو انداز ۽ طريقو سيکاريو وڃي.

د، تاثرات

تقرير ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ته جيڪا ڳالهه بيان ڪري رهيو آهي، ان موجب سندس چهري جا تاثرات ۽ هٿن جا اشارا به هجڻ گهرجن ۽ سندس لفظن جو لاهه چاڙهه انداز ۽ جسماني چُرپُر به تقرير جي مواد موجب هجڻ گهرجي. ان لاءِ رهنما استاد جي نگرانيءَ هيٺ تقرير ڪرڻ جي مشق ڪرائي وڃي.

هه، اعتماد

هڪ مقرر لاءِ پنهنجي تقرير ۾ لفظن جو جادو جاڳائڻ ۽ پنهنجي تقرير کي اثرائتي بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته هو جيڪا تقرير ۾ ڳالهه ڪري اها خود اعتماديءَ سان ڪري. ۽ جڏهن اسٽيج تي اچي ته ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن کي اهو احساس نه ٿئي ته مقرر گهٻرائجي ويو آهي يا تياري ڪري نه آيو آهي. ان ڪري اعتماد پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته تقرير ڪرڻ کان اڳ ان جي ڀرپورِ مشق ڪئي وڃي، پنهنجي مطالعي کي وسيع ڪري ۽ ماهر استادن کان پڻ مدد حاصل ڪئي وڃي.